SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1972

SINDH ACT NO.III OF 1972

سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1972

THE SINDH MINSTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1972

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3. پگهار

Salary

4. آفيس سنڀالڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي وظيفو

Allowances on taking up and laying down the office

5. مصارفي خرچ

Sumptuary Allowance

6. سواري

Transport

7. سرڪاري رهائشگاهہ

Official Residence

8. پاڪستان ۾ سفر جو وظيفو

Travelling allowance for touring in Pakistan

9. هوائي رستي سفر

Journey by Air

10. ريل رستي سفر

Journey by Rail

11. استيمر يا لانچ رستي سفر

Journey by Steamer or Launch

12. روڊ رستي سفر

Journey by Road

13. هوائي حادثي جي نتيجي ۾ امداد

Compensation in case of Air Accident

14. قیام دوران روزانو وظیفو

Daily allowances during halt

15. ہاھرین ملک سفر جو معاوضو

Travelling allowance for tour abroad

16. کنٹرولنگ آفیسر

Controlling Officer

17. طبي سهولتون

Medical Facilities

18. موکل

Leave

19. ذاتي ملازم

Personal Staff

20. پروویڈنٹ فنڈ

Provident Fund

21. عام

General

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 1972

SINDH ACT NO.III OF 1972

سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1972

THE SINDH MINSTERS (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 1972

[18 جولاءِ 1972]

ايڪٽ جنهن ذريعي وزيراعليٰ ۽ وزيرن کي پگهارون، وظيفا ۽ سهولتون فراهم ڪيون ويندیون.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ عارضي آئين اسلامي جمهوريہ پاڪستان آرٽيڪل 104جي شق (9) جي مطابق وزيراعليٰ ۽ وزيرن کي پگهارون، وظيفا ۽ مراعات فراهم ڪيون ويندیون، جيڪي قانون ۾ طئي ڪيون ويندیون؛

۽ جيئن تہ وزيراعليٰ ۽ وزيرن جون پگهارون، وظيفا ۽ مراعات طئي ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو.

جنهن کي هن ريت لاڳو ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ 1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ جي وزيرن جون (پگهارون،

شروعات

وظيفا ۽ سهولتون) ايڪٽ، 1972 چيو ويندو.

Short title and commencement

(2) هي فوري طور نافذ العمل هوندو ۽ 21هين اپريل 1972 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ جيستائين مفهوم تقاضا موجب ڪجهه ٻيو نه هجي، هيٺين اظهارن جي معنيٰ ترتيب وار ڏني وئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي:

(a) "آئين" جي معنيٰ عارضي آئين اسلامي جمهوريه پاڪستان،

(b) "خاندان" جي معنيٰ گهر واري، سڳا ۽ ويڳا ٻاري جيڪي گڏ رهندا هجن ۽ وزير تي ٻاڙيندا هجن؛

(c) "حڪومت" جي معنيٰ سنڌ حڪومت؛

(d) "جڳهه جي نظرداري" جي معنيٰ رهائش سان لاڳاپيل مقامي اگهن ۾ ادائگي ۽ ٽيڪس ۽ بجلي ۽ پاڻي جي ادائگي

(e) "وزيراعليٰ" جي معنيٰ آئين جي آرٽيڪل 104 تحت صوبي سنڌ لاءِ مقرر ڪيل وزيراعليٰ؛

(f) "وزير" جي معنيٰ آئين جي آرٽيڪل 104 تحت صوبي سنڌ لاءِ مقرر ڪيل وزير؛

(g) "سرڪاري رهائشگاهه" جي معنيٰ وقت به وقت وزير جي استعمال جي لاءِ مخصوص ڪيل جڳهه، جنهن ۾ شامل آهن عملي جا ڪوارٽر ۽ ٻيون لاڳاپيل عمارتون ۽ رهائش جا باغ.

(2) اهي لفظ ۽ اظهار جيڪي هن ايڪٽ ۾ استعمال ڪيا

ويا آهن ۽ انهن کي معنيٰ ناهي ڏني وئي تہ انهن جي معنيٰ اها ورتي ويندي جيڪا آئين ۾ ڏني وئي آهي.

پگهار

Salary

3. وزيراعليٰ جي پگهار تي هزار رپيا ماهوار هوندي. ٻين وزيرن جي ماهوار پگهار ٻہ هزار پنج سئو رپيا هوندي.

آفيس سنيالڻ ۽ آفيس ڇڏڻ تي وظيفو

Allowances on taking up and laying down the office

4. (1) وزيراعليٰ ۽ هر وزير کي پنهنجي عام رهائش گاهہ کان سرڪاري عهدي تي آفيس اچڻ ۽ سرڪاري عهدي کان پنهنجي عام رهائش گاهہ تي آفيس ڇڏڻ لاءِ وقت هيٺين طريقي جو حقدار هوندو:

(a) اصل سفر جو خرچ پنهنجي ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ

(b) ريل گاڏي جي هيٺين درجي جي سفر لاءِ 2 عدد ذاتي ملازم کان وڌيڪ نہ هوندا ۽

(c) گهريلو سامان جي نقل و حرڪت جي لاءِ جيڪا هڪ سئو ويهہ مڻ کان وڌيڪ نہ هجي، سفري خرچ جيڪو بذريعہ مال بردار گاڏي يا ٻين ڪرافٽ (هوائي جهاز کانسواءِ) ۽ ذاتي ڪار جيڪڏهن هجي.

(2) سفر يا سواري جي ڪا ٻہ دعويٰ آفيس سنيالڻ يا آفيس ڇڏڻ جي ڇهہ مهينن کانپوءِ نہ ڪري سگهجي، جيئن صورتحال هجي.

مصارفي خرچ

Sumptuary

5. وزيراعليٰ مصارفي خرچ جو وظيفو 2 هزار رپيا ماهوار ۽ هر وزير مصارفي خرچ جو وظيفو پنج سئو رپيا ماهوار وصول ڪندو.

Allowance

سواري

Transport

6. وزيراعليٰ ۽ هر وزير سرڪاري خرچ تي هڪ ڪار رکڻ جا مستحق هوندا.

سرڪاري رهائشگاهه

Official Residence

7. (1) وزيراعليٰ کي سرڪاري رهائش حڪومت طرفان فراهم ڪئي ويندي جنهن جي آرائش جي قيمت 25 هزار کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي ۽ ايئن هر وزير لاءِ قيمت 20 هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي. ان ۾ فراهم ڪيل فرنيچر ۾ شامل هوندا ڪارپيٽس ۽ هڪ ريفريجريٽر پر بي ڪا گهر جي استعمال جي شئي نه هوندي. رهائشگاهه ۾ بيڊ رومز ايئر ڪنڊيشنڈ هوندا.

(2) جيڪڏهن آفيس سنياڻ وقت، ڪا سرڪاري رهائشگاهه خالي نه آهي، وزيراعليٰ يا وزير کي حڪومت طرفان اهڙي رهائشگاهه مهيا ڪرڻ تائين سندس ۽ سندس ڪٽنب جي لاءِ ان جو اصل خرچ مهيا ڪيو ويندو وڌ ۾ وڌ 2 هزار رپيا ماهوار جي حساب سان هوندو.

(3) جڏهن وزيراعليٰ يا ڪو ٻيو وزير پنهنجي ذاتي گهر ۾ رهڻ جي پسند ڪري ٿو ته کيس پندرنهن سئو رپيا ماهوار ادا ڪيا ويندا ۽ سندس مينٽيننس جا خرچ ڪنيا ويندا.

پاڪستان ۾ سفر جو وظيفو

Travelling

8. (1) هن ڪانپوءِ پيدا ڪيل گنجائشن موجب، وزيراعليٰ يا ٻيو وزير، سرڪاري ڊيوٽي تي مسافري دوران ان سان پهرين گريڊ جي عملدار طور ورتاءُ ڪيو ويندو.

allowance for touring in Pakistan

(2) وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، ڊيوٽي دوران عوامي مفاد ۾ جيڪڏهن هوائي سفر جي گهر ڪري ٿو ته ڪيس هيٺيون سهولتون ڏنيون ويندیون:

(a) اڪانامي ڪلاس جو هڪ سنگل هوائي ڀاڙو؛

(b) هڪ هزار پائونڊ تائين ذاتي سامان ڪٽڻ جي قيمت، ايئر ڪمپني پاران ڏني ويندڙ مفت الائونس کان علاوه؛

(c) درخواست تي، حڪومتي خرچ تي، جيڪڏهن عوامي مفاد ۾ سمجهي، پاڪستان ايئرفورس جو جهاز يا حڪومت جو هڪ جهاز دستياب هئڻ جي صورت ۾ مرڪزي حڪومت يا صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل قاعدن موجب، جيئن صورتحال هجي، ونڊي سگهي ٿو؛

(d) ڪمرشل جهاز يا درخواست تي فراهم ڪيل جهاز ۾ پنهنجي گهرواري کي گڏ ڪٽي سگهي ٿو بشرطيڪ ڪو به غير سرڪاري ماڻهو بچاءَ واري وزارت کان اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ ايئرفورس جي جهاز ۾ سفر نه ڪري سگهندو؛

(e) ريل يا اسٽيمر جي هيٺين درجي ۾ سفر جي قيمت جيڪا ٻن ملازمن کان وڌيڪ نه هجي؛

(f) ريل يا اسٽيمر ذريعي ٽي مڻ ذاتي سامان ڪٽڻ جي قيمت

(g) سندس انشورنس طور هوائي سفر لاءِ خرچ فراهم ڪيو ويندو جيڪو هڪ لک رپين کان وڌيڪ نہ هوندو.

نوٽ: جتي مناسب هجي، وزيراعليٰ يا ٻيو وزير واپيسي جون هوائي سفر جون ٽڪيٽون پاڻ خريد ڪندو.

(3) وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، جڏهن ڊيوٽي دوران ريل تي سفر ڪندا تہ کين هيٺيون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون:

(a) سرڪاري خرچ تي حاصل ڪندو:

(i) هڪ عام فرسٽ ڪلاس سيڪنڈ ڪلاس ڪيريج يا هڪ 'اي' ڪلاس ٽوئرسٹ ڪار، يا جيڪڈهن 'اي' ڪلاس ٽوئرسٹ ڪار دستياب نہ آهي تہ، هڪ 'بي' ڪلاس ٽوئرسٹ ڪار؛

(ii) جيڪڈهن متي (i) ۾ ڄاڻايل گاڏيون دستياب نہ آهن يا انهن جي گهر نہ ٽي ڪئي وڃي، تہ پوءِ هڪ عام رواجي چار برٿ وارو فرسٹ ڪلاس ڪمپارٽمينٽ يا ٽن برٿ وارو ايئر ڪنڈيشنڈ (ڪوپ) فراهم ڪيو ويندو؛

(b) پنهنجي خاندان جا ڀاتي بنا ڀاڙي جي پاڻ سان گڏ ڪڍي سگهي ٿو پر انهن جو انگ پنج کان وڌيڪ نہ هئڻ گهرجي، جڏهن درخواست ڪيل ريلوي ڪمپارٽمينٽ يا سيلون ۾ سفر ڪري رهيو هجي.

(c) هيٺين درجي ۾ ٽن کان وڌيڪ ذاتي ملازم نٿو ڪڍي

سگھي.

(d) جڏهن ڪنهن ريلوي ڪمپارٽمينٽ ۾ سفر ڪري رهيو هجي ته ٽي مڙ تائين ذاتي سامان کڻي سگھندو يا درخواست ڪيل ريلوي سيلون ۾ سفر لاءِ ڇهه مڙ تائين کڻي سگھي ٿو.

نوٽ: وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، مٿي ڄاڻايل طريقي موجب ريزرو ڪرايل اڪوموڊيشن تحت، سفر شروع ڪرڻ کان اڳ سٽيشن جي اسٽيشن ماسٽر کان حاصل ڪيل ريزروڊ اڪوموڊيشن فارم تي گڏ سفر ڪندڙن جو انگ ۽ انهن جي ٽڪيٽن جا تفصيل فراهم ڪندو، جتان کيس سفر جي شروعات ڪرڻي آهي.

(4) وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، ڊيوٽي دوران اسٽيمر يا لانچ ذريعي سفر دوران کيس هيٺيون سهولتون فراهم ڪيون ويندیون:

(a) سندس لاءِ اصل ٽڪيٽ جو پاڙو

(b) پاڻ سان گڏ هيٺين درجي ۾ ٻن کان وڌيڪ ذاتي ملازم نه کڻي سگھندو؛ ۽

(c) ٽي مڙ تائين ذاتي سامان کڻي سگھندو.

(5) وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، ڊيوٽي دوران روڊ رستي مسافري تي، انهن جڳهن وچ ۾، جيڪي ريلوي ذريعي ڳنڍيل نه هجن، يا جيڪڏهن ڳنڍيل هجن ته هو پاڻ اهڙي

چونڊ ڪري ٿو. ذيلي دفعہ (3) يا (4)جي ڏنل مراعتن کي حاصل نٿو ڪري، جتي مسافري هڪ اهڙي گاڏي ذريعي ڪئي وڃي جيڪا سرڪار جي هٿ هيٺ يا سرڪار جي ملڪيت نہ هجي تہ:

(a) مسافري جو الائونس پنجهتر پئسا في ميل جي حساب سان پنهنجي لاءِ روڊ رستي ۾ ڏ

(b) حقيقي خرچ سواري جا:

(i) پہ نجي ملازم ۾ ڏ

(ii) سندس سمورو ذاتي سامان، بشمول سفر دوران ڪنيل ضروري شين جي.

هوائي رستي سفر

Journey by Air

9. (1) وزيراعليٰ يا پيو ڪو وزير، ڊيوٽي دوران هوائي سفر ڪري رهيا هجن، شيڊولڊ يا ان شيڊولڊ (بشمول ڪنهن بہ قسم جي حڪومت جي ذاتي هوائي جهاز ۾) ان دوران هوائي حادثي جي نتيجي ۾ فوت ٿي وڃن يا زخمي ٿين تہ، حڪومت وارث يا وارثن کي ذيلي دفعہ (2) تحت هڪ لک پنجويهہ هزار رپيا فوتگي جي صورت ۾ فراهم ڪندي، ۾ اهو معاضو جيڪو حڪومت طرفان طئي ڪيو ويو هوندو، ان سان گڏ زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ انشورنس ڪمپنيز پاران اهڙي صورت ۾ طئي ڪيل رعايتن موجب معاوضو ڏنو ويندو.

(2) زخمي ٿيڻ جي صورت ۾ وزيراعليٰ يا پئي ڪنهن وزير کي معاوضو فراهم ڪيو ويندو جيئن بہ صورتحال هجي ۾ ڏ

فوتگي جي صورت ۾، اهڙي رڪن يا رڪنن جي ڪٽنب، يا (جيڪڏهن اهڙو ڪو رڪن ناهي)، ڪو ٻيو شخص يا شخصيتون جيڪي سندس طرفان نامزد ڪيون ويون هجن، ۽ سندس وارثن جي اهڙي غير موجودگي جي صورت ۾.

(3) ذيلي دفعہ (2) تحت هڪ نامزدگي ڪئي ويندي، يا نوٽيس جي ذريعي يا ان ۾ تبديلي ڪئي ويندي جنهن تي وزيراعليٰ يا ڪنهن ٻئي وزير کان صحيح هوندي ۽ اهو ڪمپٽرولر سنڌ ڏانهن اماڻيو ويندو.

ريل رستي سفر

Journey by Rail

10. وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، ڊيوٽي دوران مسافري تي، کين قيام دوران پنجاهہ رپيا روزانو الائونس طور فراهم ڪيو ويندو:

بشرطيڪ:

قيام واري جڳهہ جي صورت ۾، ڊيلي الائونس جو اڌ ڏنو ويندو:

(i) پهچڻ واري ڏينهن،

(ii) ڇڏڻ واري ڏينهن، ۽

(iii) پهچڻ واري ڏينهن ۽ ڇڏڻ واري ڏينهن جيڪڏهن وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير ساڻس ڏينهن پهچي ٿو ۽ ساڻس ڏينهن وڃي ٿو.

(b) جيڪڏهن سفر دوران اهڙو قيام ڏهن ڏينهن کان وڌي

ٿو تہ روزانو الائونس هن ريت هوندو:

(i) پهرين ڏهن ڏينهن دوران مڪمل ريٽ تي فراهم ڪيو ويندو.

(ii) ٻين ويهن ڏينهن لاءِ يا ان جي حصي تي مڪمل ريٽ جو تي پاڻي چار حصو فراهم ڪيو ويندو ۽

(iii) باقي رهيل عرصي لاءِ مڪمل ريٽ جو اڌ حصو فراهم ڪيو ويندو.

وضاحت: سفر دوران قيام لاڳيتو سمجهيو ويندو جيستائين ستن راتين جي غير حاضري سان رخنو نہ ٿو ٿئي جيڪو قيام واري جاءِ کان 5 ميلن جي مفاصلي تي هجي.

11. وزيراعليٰ يا ٻيو هر وزير، پاڪستان کان ٻاهر ڏيوٽي تي سفر ڪري ٿو تہ اهڙيون سهولتون ڏنيون ويندیون جيئن حڪومت طرفان بيان ڪيون ويون هجن.

استيمر يا لانچ رستي سفر

Journey by Steamer or Launch

12. وزيراعليٰ هن ايڪٽ جي ڪجهہ متضاد نہ هجي تہ، اهڙي خرچ سان نوازيو ويندو جيڪو سياحت دوران هو ڪندو جيئن هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن ۾ ڇاڻايو ويو آهي.

روڊ رستي سفر

Journey by Road

هوائي حادثي جي

13. وزيراعليٰ يا ٻيو وزير، هن ايڪٽ تحت ملندڙ مسافري جي الائونس جي مقصد لاءِ پنهنجا ڪنٽرولنگ آفيسر پاڻ هوندا.	نتيجي ۾ امداد Compensation in case of Air Accident
14. وزيراعليٰ يا هر ٻيو وزير، انهن کي اسپيشل ميڊيڪل اٽينڈنس رولس، 1950 تحت طبي سهولتون فراهم ڪيون ويندیون: بشرطيڪ هو ۽ سندس ڪٽنب کي طبي سهولتون انهن جي رهائشگاهه تي حاصل ڪرڻ جو اهل هجي.	قيام دوران روزانو وظيفو Daily allowances during halt
15. غير حاضري جي موڪل وزيراعليٰ کي گورنر طرفان ۽ وزير کي وزيراعليٰ طرفان، هڪ وقت يا وقت بوقت ڏني ويندي، صحت جي سلسلي يا نجي معاملن جي صورت ۾، هڪ عرصي لاءِ جيڪو سندس آفيس جي مدي دوران ٿي مهينن کان وڌيڪ نه هجي.	ٻاهرين ملڪ سفر جو معاوضو Travelling allowance for tour abroad
16. وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، سواءِ ان جي ته اهي موڪل تي هجن، انهن کي اهڙو ذاتي استاف وقت بوقت حڪومت طرفان فراهم ڪيو ويندو.	ڪنٽرولنگ آفيسر Controlling Officer
17. وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، هن آپشن تي پراويڊنٽ فنڊ ڏئي ٿو ته پوءِ هي فنڊ کي لازمي سمجهيو ويندو ۽ اهو لاڳو جنرل پرووِيڊنٽ فنڊ رولز موجب هوندو.	طبي سهولتون Medical Facilities

موڪل

Leave

18. (1) سرڪاري رهائشگاهه، سواري ۽ فرنيچر جيڪو وزيراعليٰ يا ٻئي ڪنهن وزير کي حڪومت طرفان فراهم ڪيو ويندو، ساڳي سنيال سان استعمال ڪيو ويندو، جيئن ماڻهو پنهنجي ذاتي ملڪيت جي سنيال ڪندو آهي.

ذاتي ملازم

Personal Staff

(2) سرڪاري رهائش ۾ فراهم ڪيل سموري فرنيچر ۽ سامان تي بلڊنگز ڊپارٽمينٽ گورنمينٽ آف سنڌ طرفان سڃاڻپ جي لاءِ نشان لڳايو ويندو.

پرووِيڈنٽ فنڈ

Provident Fund

(3) وزيراعليٰ يا ٻئي ڪنهن وزير ياران سرڪاري رهائش اختيار ڪرڻ جي صورت ۾، ان علائقي ۾ سرڪاري عمارتن جي انچارج طرفان سرڪاري رهائش ۾ موجود فرنيچر ۽ سمورو سامان ان سلسلي ۾ صحيح ڪيل فهرست سان سندس يا سندس طرفان لکت ۾ بااختيار بڻايل شخص جي حوالي ڪندو.

عام

General

(4) جڏهن وزيراعليٰ يا ٻيو ڪو وزير، سرڪاري رهائش خالي ڪرڻ وارو آهي تہ هي ان علائقي ۾ سرڪاري عمارتن لاءِ انچارج آفيسر کي آگاهه ڪندو ۽ اهڙي رهائش جو فرنيچر ۽ ٻيو سامان ان سلسلي ۾ جوڙيل فهرست موجب جيڪا وزيرراعليٰ يا وزير طرفان صحيح ڪئي وئي هئي، جيئن صورتحال هجي، ان جي حوالي ڪندو.

(5) سرڪاري عمارتن جو انچارج آفيسر، وقت بوقت

وزيراعليٰ يا وزير جي اڳواڻ اجازت سان، سندس سرڪاري رهائشگاهه ۾ فرنيچر ۽ ان ۾ موجود سامان جي جاچ پڙتال ڪندو رهندو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.